# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1972
# سنڌ (سنڌي ٻولي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، (نفاذ) آرڊيننس، 1972
# THE SINDH (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) ACT, (APPLICATION) ORDINANCE, 1972

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. لساني بنيادن تي ڪا متڀيد نه هوندي
No Discrimination on linguistic basis

3. اردو خلاف متڀيد ختم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ جو نفاذ
Application of the Act to eliminate discrimination against Urdu

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1972
# سنڌ (سنڌي ٻولي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، (نفاذ) آرڊيننس، 1972
# THE SINDH (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) ACT, (APPLICATION) ORDINANCE, 1972

[22 جولاءِ 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ (سنڌي ٻولي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، 1972 جي نفاذ سان لاڳاپيل ڪجھ گنجائشون جوڙيون وينديون.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 267 جي شق (2) قومي ٻولين جي رتبي سان تعصب ڪانسواءِ صوبائي ادب کي قانون موجب اپاءِ وٺندي قومي ٻولي سان گڏ صوبائي ٻولي جي تدريس، ترقي ۽ استعمال کي يقيني بڻايو ويندو.

۽ جيئن ته اردو قومي ٻولي آهي ۽ ماڻهن جي اڪثريت طرفان ڳالهائي ويندي آهي.

۽ جيئن ته سنڌ (سنڌي ٻولي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، 1972 (1972 جو ايڪٽ II) جي نفاذ سان لاڳاپيل ڪجھ گنجائشن جي وضاحت ڪرڻ ۽ شڪ شبها ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، هن ايڪٽ کي ساڳيو ئي سنڌ

(سنڌي ٻولي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، 1972 (ايڪٽ II مجريه 1972) چيو ويندو.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ (سنڌي ٻولي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، (نفاذ) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2) ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

لساني بنيادن تي ڪا متپيد نه هوندي
No Discrimination on linguistic basis

2. بشرطيڪ هن ايڪٽ جون گنجائشون، هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان ٻارنهن سالن جي عرصي لاءِ:

(a) ڪو به شخص، جيستائين ڪنهن سرڪاري نوڪري ۾، يا صوبي سنڌ جي معاملن سان لاڳاپيل ڪنهن سرڪاري عهدي تي مقرري يا ترقي لاءِ قابليت رکندڙ هجي ان کي فقط سنڌي يا اردو ٻولي جي ڄاڻ جي بنياد تي نظرانداز نه ڪيو ويندو.

(b) ڪو به شخص جيڪو هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ، سرڪاري نوڪري ۾ خدمت سرانجام ڏئي رهيو هو، يا صوبي سنڌ سان لاڳاپيل ڪنهن سرڪاري عهدي تي خدمت سرانجام ڏئي رهيو هو اهو فقط سنڌي يا اردو ٻولي جي

چاڻ جي بنياد تي نوڪري مان هٽايو نہ ويندو.

3.ايڪٽ جو نفاذ اهڙيءَ ريت ڪيو ويندو جيئن اردو سان تعصب ۾ نہ هجي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**

اردو خلاف متڀيد ختم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ جو نفاذ

Application of the Act to eliminate discrimination against Urdu